هفتيوار رسالو

# بُخاري شريف جي پهرين ۽ آخري حديث

(سنڌي)




بُخاري شريف ڪيئن لکي وئي؟

عبادت جا 2 قِسم

دين خُدا جي مدد جون 7 صورتون

نيّت تي عمل جو انوکو انداز

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

ترجمو

TRANSLATION DEPARTMENT

(DAWAT-E-ISLAMI)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **بخاري شريف جي پهرين ۽ آخري حديث**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو رسالو

# بخاري شريف جي پهرين ۽ آخري حديث

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگرانپراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN:☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
Email:✉translation@dawateislami.net

# فهرست

بخاري شريف جي پهرين ۽ آخري حديث ........................ 1
دُرود شريف جي فضيلت ........................ 1
امام بخاري ۽ بخاري شريف ........................ 2
بخاري شريف ڪيئن لکي وئي؟ ........................ 3
بخاري شريف ۾ ڪيتريون حديثون آهن؟ ........................ 3
بخاري شريف لکڻ جو سبب ........................ 4
صحيح حديث جو مطلب ........................ 4
بخاري شريف جون برڪتون ........................ 4
منهنجي ڪتاب جو درس ڇو نتا ڏيو؟ ........................ 5
بخاري شريف جي پهرين حديثِ پاڪ ........................ 6
حديث جي شرح ۽ راوي جو مختصر تعارف ........................ 7
حديثِ پاڪ جي لفظ "اَلۡاَعۡمَال" مان مراد ........................ 7
نيّت ڇا کي چئبو آهي؟ ........................ 8
نيّت جي ٽن اکرن جي مناسبت سان ٽي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم ........................ 8
بزرگانِ دين ۽ علمِ نيّت ........................ 9
عبادت جا 2 قِسمَ ........................ 10
نيّت بدلجڻ سان حڪم بدلجي ويندو آهي ........................ 11
ڪنهن کي رياڪار نہ چئو، نہ سمجهو ........................ 11
خوبصورت ڳالهہ ........................ 13
عبادت جا ٻہ حصا ........................ 14
سٺي نيت جو فائدو ۽ بُري نيت جو نقصان ........................ 15

كتاب لکڻ جي نيت ........ 15
دينِ خدا جي مدد جا طريقا ........ 16
دينِ خدا جي مدد جا 7 طريقا ........ 16
مسلمان سٺي نيت سبب هميشه جنت ۾ رهندو ........ 17
”نيڪ نيّت“ جي 6 اکرن جي نسبت سان نيت جي باري ۾ 6 واقعا ........ 18
﴿1﴾ هلڻ جي ڪا نيت سمجهه ۾ نه ٿي اچي ........ 18
﴿2﴾ ڪنگي ڪرڻ جي نيت هئي آئيني ڏسڻ جي نه هئي ........ 18
﴿3﴾ ڪائڻ ۾ نه ڪائڻ بئي نماز جي لاءِ ........ 19
﴿4﴾ درس لاءِ وڃڻ ڪان پهريان نيتون ........ 20
رياڪاري جي تعريف ........ 20
﴿5﴾ جهڙيءَ نيت تهڙو قل ........ 21
﴿6﴾ نيت تي عمل جو انوکو انداز ........ 21
جيتريون نيتون وڌيڪ اوترو ثواب وڌيڪ ........ 22
عالمِ نِيّت اعلىٰ حضرت جو ارشادِ بابرڪت ........ 23
بخاري شريف جي آخري حديثِ پاڪ ........ 23
سٺا اخلاق حاصل ٿيڻ جو ذريعو ........ 24
سٺي نِيّت جو فائدو ........ 25

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

# بخاري شريف جي پهرين ۽ آخري حديث[1]

دعاءِ عطّار: ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”بخاري شريف جي پهرين ۽ آخري حديث“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان نواز ۽ کيس جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ حَفْص بن عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرتِ اَبو زُرْعَہ رازِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو پهرين آسمان تي فرشتن کي نماز پڙهائي رهيا هئا مون پڇيو: اي اَبُو زُرْعَہ! توهان کي هي انعام ڪهڙي عبادت جي بدلي ۾ مليو؟ ارشاد فرمايائون: مون پنهنجي هٿ سان ڏهہ لک حديثون لکيون آهن ۽ هر

[1] 10 شوال شريف تي امام اهلِ سُنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ”يومِ ولادت“ آهي. اُن موقعي تي دعوتِ اسلامي جي جامعاتُ المدينہ ۾”دَورةُ الحديث“ جي شاگردن جي درميان افتتاح بخاري جو سلسلو ٿيندو آهي، 10 شوال 1442 ۽ 1443 هجري بمطابق 22 مئي 2021 ۽ 11 مئي 2022 جي افتتاح بخاري جي موقعي تي شيخ طريقت امير اهل سُنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري بخاري شريف جي پهرين حديث پاڪ پڙهائي ڪري اُن تحت ڪجهہ مدني گُل بيان فرمايا، جيڪي ضرورتاً ترميم و اضافي سان المدينة العلميہ جي شعبي”هفتہ وار رسالہ مطالعو“ جي طرفان رسالي جي صورت ۾ پيش ڪيا پيا وڃن.

حديث ۾ ”عَنِ النَّبِيِّ“ کان پوءِ ”صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ“ چيو آهي ۽ بيشڪ الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مسلمان مون تي هڪ دفعو دُرودِ پاڪ پڙهندو آهي الله پاڪ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي. (تاريخ بغداد، 334/10، ملخصاً)

الحمدُلِله! معلوم ٿيو تہ هي سڀ دُرود ۽ سلام جي برڪت آهي.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

هن واقعي ۾ جنهن بزرگ ڪي خواب ۾ ڏٺو ويو يعني امامُ الْمُحَدّثِين حضرتِ اَبُو زُرْعَہ عبيدُالله بن عبدالڪريم رازِي رَحْمَةُ الله عَلَيْه (وفات: 264ھ) اهي صحيح بخاري شريف جي حديثن جي راوين مان آهن ان کان علاوه بخاري شريف جي آخري حديث جي راوين ۾ بہ سندن نالو جَرڪي رهيو آهي.

## امام بخاري ۽ بخاري شريف

اي عاشقانِ رسول! "بخاري شريف" حديث شريف جو وڏو بابرڪت ۽ عظيم ڪتاب آهي، هن ڪتاب جو پورو نالو جيڪو امامُ الْمُحَدّثِين ابو عبدالله حضرت امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ الله عَلَيْه رکيو اُهو هي آهي: اَلْجَامِعُ الْمُسْنَدُ الصَّحِيْحُ الْمُخْتَصَرُ مِنْ اُمُوْرِ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَسُنَنِهٖ وَاَيَّامِهٖ. (تهذيب الاسماء واللغات، 91/1)

بخاري شريف بابت چيو ويندو آهي: اَصَحُّ الْكُتُبِ بَعْدَ كِتَابِ اللّٰهِ اَلصَّحِيْحُ الْبُخَارِيُّ يعني قرآنِ ڪريم کان بعد سڀني کان وڌيڪ صحيح ڪتاب

صحيح بخاري آهي. (لمعات التنقيح، 123/1)

امام بخاري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو هڪ اهم لقب "اَمِيرُالْمُؤمِنِينَ فِي الْحَدِيثِ" آهي.

## بخاري شريف ڪيئن لکي وئي؟

حضرت امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏا عاشقِ رسول ۽ نيڪ پرهيزگار بزرگ، زبردست عالمِ دين ۽ مُحَدّث هئا، ادب جو اهو عالم هو جو هر حديث کي لکڻ ۽ ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ کان پهريان غسل ڪندا هئا پوءِ ٻه رڪعت نماز پڙهي حديثِ پاڪ جي صحت(يعني ڪجھ خاص شرطن جي سبب صحيح هجڻ جي) بابت استخارو فرمائيندا هئا ۽ پوءِ ان کي ڪتاب ۾ شامل ڪندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بخاري شريف کي 16 سالن ۾ لکيائون. (فتح الباري، 461/1 ملتقطاً)

## بخاري شريف ۾ ڪيتريون حديثون آهن؟

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هن ڪتاب لاءِ ڇھ لک حديثن مان سَوا ست هزار کان وڌيڪ حديثن جو انتخاب فرمايو.

(تاريخ بغداد، 14/2)

شارحِ بخاري حضرت علامہ شريفُ الحق امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ شيخ الاسلام امامُ الْمُحَدّثِين حضرت علامہ حافظ اِبنِ حَجَر عسقلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تحقيق مطابق "صحيح بخاري شريف" ۾ حديثن مبارڪن جو ڪُل تعداد ست هزار ٽي سو ستانوَيْ (7397) آهي. نزهة القاري، 136/1)

## بخاري شريف لکڻ جو سبب

"صحيح بخاري شريف" لکڻ جو سبب امام بخاري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي استادِ محترم جي ترغيب آهي، امام بخاري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي استادِ محترم حضرت امام اسحاق بن رَاهْوَيہ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه هڪ ڏينهن پنهنجن شاگردن کي فرمايو: جيڪڏهن اوهان ڪان تي سگهي ته ڪو اهڙو مختصر ڪتاب لکو جنهن ۾ صرف صحيح حديثون هجن. ان مهل امام بخاري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه به اتي موجود هئا سندن دل ۾ اها ڳالهه گهر ڪري وئي، اُنهي مهل ئي انهن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو ته "آئون اهڙو ڪتاب لکندس. (تاريخِ ابنِ عساکر، 72/52)

## صحيح حديث جو مطلب

عوام لاءِ هڪ اهم ڳالهه اِها آهي ته حديثن جا ڪيترائي قِسم آهن ۽ "صحيح" حديثِ پاڪ جو اعليٰ قسم آهي ته سَنَد ۽ مَتْن جي صحت جي لحاظ کان ان جي تمام چڱيءَ طرح ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي، ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته صحيح حديث جي مقابلي ۾ جيڪي بيون حديثون آهن اُهي سڀ غلط آهن بلڪ انهن حديثن جون پنهنجون الڳ تعريفون آهن. اَلْبَتہ بخاري شريف ۾ صحيح درجي جون حديثون گڏ ڪيون ويون آهن.

## بخاري شريف جون برڪتون

اي عاشقانِ رسول! مشڪلاتون حل ٿيڻ جي لاءِ "بخاري شريف" جي ختم کي بُزُرْگن مُجَرَّب (آزمايل) لکيو آهي. حضرت امام اصيلُ

الدين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون پنهنجون ۽ ٻين جون مشڪلاتون ۽ پريشانيون ختم ڪرڻ لاءِ "صحيح بخاري" جا 120 ختم پڙهيا آهن پوءِ سڀ مُرادون ۽ ضرورتون پوريون ٿيون، هي سيئي برڪتون سرورِ ڪائنات صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جون آهن. قَحطُ سَالِي (يعني ڏُڪار واري سال جڏهن برساتون نه پون ۽ اناج ۾ تنگي هجي اُن ڏينهن) ۾ جيڪڏهن هي ڪتاب پڙهيو وڃي ته برسات پوندي آهي، ۽ جنهن ٻيڙيءَ ۾ هي ڪتاب هجي اها ٻيڙيءَ ٻُڏندي ناهي. (مرقاة، 54/1)

بزرگانِ دين رحمةُ الله عليهم بخاري شريف جي ختم جي موقعي تي سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جو ديدار به ڪيو آهي. (الفوائد الدراري، 157/1)

الله پاڪ بخاري شريف کي وڏي مقبوليت عطا فرمائي آهي، صديون (يعني سوين سال) گذرڻ باوجود اڄ تائين هي مبارڪ ڪتاب اسلامي مدارس ۾ پڙهايو ويندو آهي. الله پاڪ اسان کي هن بابرڪت ڪتاب جون برڪتون نصيب فرمائي.

اٰمين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللهُ عليهِ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## منهنجي ڪتاب جو درس چونڊا ڏيو؟

حضرت امام بخاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيترائي ڪتاب لکيا پر جيڪا مقبوليت ۽ شهرت "صحيح بخاري شريف" کي ملي آهي اها ڪنهن ٻئي ڪتاب کي حاصل نه ٿي سگهي آهي. حضرت امام ابو زيد محمد بن احمد مَروَزِي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ دفعي مڪي پاڪ ۾

مقامِ ابراهيم ۽ حَجرِ اَسْوَد جي وچ ۾ ستا پيا هئا تہ کين خواب ۾ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي حضور صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اَي ابو زيد! اسان جي ڪتاب جو درس ڇو نٿا ڏيو؟ انهن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم! منهنجي جان توهان تان قربان! توهان جو ڪتاب ڪهڙو آهي؟ حضورِ اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جامع محمد بن اسماعيل" يعني امام بخاري رَحْمَةُ الله عَلَيْه جو ڪتاب "صحيح بخاري شريف." (التدوين في اخبار قزوين، 46/2)

## بخاري شريف جي پهرين حديثِ پاڪ

عَلْقَمَةُ بْنُ وَقَّاصٍ اللَّيْثِيُّ، يَقُولُ: سَمِعْتُ عُمَرَبْنَ الخَطَّابِ رَضِىَ اللهُ عَنْهُ عَلَى المِنْبَرِقَالَ: سَمِعْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ وَاِنَّمَا لِكُلِّ امْرِىءٍ مَّا نَوَى، فَمَنْ كَانَتْ هِجْرَتُهُ اِلَى دُنْيَا يُصِيبُهَا، اَوْاِلَى امْرَأَةٍ يَّنْكِحُهَا، فَهِجْرَتُهُ اِلَى مَا هَاجَرَاِلَيْهِ

ترجمو: حضرتِ عَلقمہ بن وقاص ليثِي رَحْمَةُ الله عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرتِ عمر بن خطاب رَضِيَ الله عَنْهُ کي منبر شريف تي اهو چوندي ٻڌو تہ مان رسولُ الله صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم کان اهو فرمائيندي ٻڌو آهي تہ: بيشڪ عملن جو دارومدار نيت تي آهي ۽ هر شخص لاءِ اهو ئي آهي جيڪا هن نيت ڪئي آهي، پوءِ جنهن جي هجرت دنيا جي طرف هجي جنهن کي هو حاصل ڪرڻ چاهي يا ڪنهن عورت جي طرف هجي جنهن سان هو نڪاح ڪرڻ چاهي تہ سندس هجرت اُنهي طرف ئي آهي جنهن طرف هن هجرت ڪئي. (بخاري، 5/1، حديث: 1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# حديث جي شرح ۽ راوي جو مختصر تعارف

هن مبارڪ حديث جو راوي مسلمانن جو ٻيو خليفو اميرُ المؤمنين حضرت ابو حفص عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهي. الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعا جي برڪت سان انهن ايمان آندو ۽ پاڻ اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ چاليهين نمبر تي آهن تنهن ڪري ڪين "مُتَمِّمُ الْاَرْبَعِیْن" (يعني چالِيهَن جي عدد کي پورو ڪندڙ) پڻ چيو ويجي ٿو.

(ابن ماجه، 77/1، حديث: 105۔ معجم کبير، 47/12، حديث: 12470)

پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عَشَرَهٔ مُبَشَّره منجهان آهن (يعني ان ڏهن خوش نصيب صحابہ ڪرام منجهان آهن جن کي رحمتِ عالَم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خصوصيت سان جنّت جي خوشخبري عطا فرمائي. حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان 539 حديثون روايت ڪيون ويون آهن جن مان تقريباً 81 روايتون بخاري ۽ مسلم شريف ۾ آهن. (تهذيب الاسماء و اللغات، 325/2) سندن زندگي جي حالات مبارڪ بابت معلومات لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جي ٻن جلدن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ فاروقِ اعظم" ۽ رسالو "ڪراماتِ فاروقِ اعظم" پڙهڻ تمام مفيد آهي.

صحابہ اور اہلِ بیت کی دل　　بفیضانِ رضا میں ہوں گدا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# حديثِ پاڪ جي لفظ "اَلْاَعْمَال" مان مراد

شارحِ بخاري حضرت علّامہ شريف الحق امجدي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هي (يعني بخاري شريف جي پهرين حديث ۾ آيل لفظ"اعمال")

عبادات، مُحرَّمات، مَڪْروهات، مُباحات سڀني کي شامل آهي، پر هتي مراد صرف اعمالِ صالحہ (نيڪ عمل) آهن ۽ گِهري نظر سان ڏٺو وڃي تہ مُباحات سڀني کي شامل آهي. (نزہۃ القارى، 224/1، تحت الحديث:1)
يعني جيڪڏهن ڪو مُباح ڪم بہ سٺي نيت سان ڪيو وڃي تہ اهو عبادت بڻجي ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيّت ڇا کي چئبو آهي؟

حضرت علاّمہ شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”نيّات“ نيّت جي جمع آهي، نيّت دل جي پڪي ارادي کي چئبو آهي، چاهي اها ڪنهن بہ شيءِ جي هجي ۽ شريعت ۾ عبادت جي ارادي کي نيّت چيو ويندو آهي ڪنهن بہ عملِ خير (نيڪ عمل) تي ثواب صرف نيّت سان ئي ملندو، بغير نيّت جي ڪو ثواب نہ ملندو.
(نزهۃ القارى، 224/1، 227، تحت الحديث:1)

## نيّت جي ٽن اکرن جي مناسبت سان ٽي فرمانِ مصطفيٰ ﷺ

(1) مسلمان جي نيّت سندس عمل کان بهتر آهي.
(معجم ڪبير، 185/6، حديث: 5942)

(2) سٺي نيّت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪندي.
(مسند الفردوس، 305/4، حديث: 6895)

(3) جنهن نيڪي جو ارادو ڪيو پر ان کي نہ ڪري سگهيو تہ ان لاءِ بہ هڪ نيڪي لکي ويندي. (مسلم، ص74، حديث: 337)

پڪي ارادي جو مطلب اِهو آهي تہ مون کي هي ڪم ڪرڻو ئي ڪرڻو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڪم لاءِ دل ۾ چڪتاڻ هجي يعني ”هِيئن ٿيو تہ ڪندس، هُونئن ٿيو تہ ڪندس، ڪوشش ڪندس وغيره تہ پوءِ اها نيّت ناهي جنهن تي ثواب جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي.

## بزرگانِ دين ۽ علمِ نيّت

اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَۃُ اللّٰهِ عَلَيْهِم عمل ڪان پهريان نيّت سکندا هئا حضرت سُفيان ثوري رَحْمَۃُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اڳين دور جا ماڻهو عمل لاءِ نيّت ائين ئي سکندا هئا جيئن عمل سکندا هئا. (قوت القلوب، 268/2)

ڪجھ عالمن سڳورن رَحْمَۃُ اللّٰهِ عَلَيْهِم فرمايو: عمل ڪان پهريان ان جي نيّت سکو! ۽ جيستائين توهان نيڪي جي نيّت تي رهندؤ چڱائي تي رهندؤ. (قوت القلوب، 268/2)

پيارا اسلامي ڀائرو! پهريان باقاعده "نيّت" سيکاري ويندي هئي هيءُ هڪ وڏو موضوع هوندو هو. علماءِ نيّت پڻ هوندا هئا، هاڻي تہ خدا ئي بهتر ڄاڻي! اڄڪلھ عام طور تي ديني مدرسن ۾ نيّت جو باب تفصيل سان ناهي پڙهايو ويندو، پهريان جي ڀيٽ ۾ هاڻي درسِ نظامي جي مُدت بہ گهٽجي وئي آهي، خدا ڄاڻي اڳتي الائي ڇا ٿيندو! ٿي سگهي ٿو صرف موضوع ئي رهجي وڃي. ان جو سبب اهو آهي تہ اسان جو دين سکڻ ڏانهن لاڙو تمام گهٽجي ويو آهي. الله پاڪ دعوتِ اسلامي کي سلامت رکي. اَلحمدُ لِلّٰه! (چوڪرن ۽ چوڪرين جو) هڪ وڏو تعداد آهي جيڪو جامعاتُ المدينہ ۾ دين سکڻ لاءِ اچي پيو نہ تہ حالتون تمام نازڪ ٿي رهيون آهن.

## عبادت جا 2 قِسمَ

اي عاشقانِ رسول! عبادت ۾ نيّت جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، جيئن ته عبادت جا به قِسمَ آهن:

1.عبادتِ مقصوده: جهڙوڪ نماز ۽ روزو، جن جو مقصد ئي ثواب حاصل ڪرڻ آهي. جيڪڏهن انهن کي بغير نيّت جي ادا ڪيو وڃي ته اهي صحيح نه ٿيندا ان ڪري جو انهن جي ڪرڻ جو مقصد ئي ثواب حاصل ڪرڻ هوندو آهي جڏهن ثواب ئي ختم ٿي ويو ته ان جي سبب اصل شيءِ ئي ادا نه ٿيندي (يعني بغير نيت جي نماز ٿيندي نه ئي روزو). اهڙيءَ طرح جيڪي به عباداتِ مقصوده آهن اهي بغير نيّت جي صحيح نه ٿينديون.

2.عبادتِ غيرِ مقصوده: اهڙي عبادت جيڪا ٻين عبادتن لاءِ ذريعو يا وسيلو ٻڻجي جيئن نماز جي لاءِ هلڻ، وضو ۽ غسل وغيره ڪرڻ. اهڙيءَ عباداتِ غيرِ مقصوده کي جيڪڏهن ڪو ماڻهو عبادت جي نيّت سان ڪندو ته ان کي ثواب ملندو پر جي بغير نيّت جي ڪندو ته ڪيس ثواب نه ملندو، ليڪن انهن جو ذريعو يا وسيلو ٻڻجڻ هاڻي به صحيح رهندو ۽ بغير نيّت واري وضو ۽ غسل سان نماز صحيح ٿي ويندي. (نزهة القارى، 226/1)

فرض ڪيو ته زيد بغير وضو جي هو، اوچتو مِينهن شروع ٿي ويو ۽ اُن جا وضو وارا سيئي عُضوا مِينهن جي پاڻي سان ڌوپجي ويا ته اهڙيءَ صورت ۾ جيتوڻيڪ زيد وضو جي نيّت نه ڪئي هئي ليڪن سڀ وضو وارا عُضوا ڌوپجي ويا يعني سيني وضو وارن عضون تي گهٽ ۾ گهٽ به به قطرا پاڻي جا وَهي ويا ۽ مٿي تي به پاڻي جي

تَري اچي وئي ته سندس وضو ٿي ويو ليڪن (نيت نه هئڻ سبب) وضو جو ثواب ڪيس نه ملندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيّت بدلجڻ سان حڪم بدلجي ويندو آهي

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪنهن پڇيو ته هڪ شخص چندو ڏئي مسجد تعمير ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، انهيءَ سبب هو پنهنجو نالو به پٿر تي لکرائڻ چاهي ٿو ڇا نالو لکرائڻ شرعاً صحيح آهي يا نه؟ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جواب ڏيندي فرمايو: نالو لکرائڻ جو حڪم نيّت جي بدلجڻ سان مختلف ٿئي ٿو جيڪڏهن نيّت رِيا ۽ ڏيکاءُ جي لاءِ آهي ته اهو حرام ۽ مردود آهي پر جيڪڏهن نيّت اها آهي ته جيستائين نالو لکيل رهندو مسلمان دعائن ۾ ياد ڪندا ته ان ۾ ڪو حرج ڪونهي ۽ جيترو ٿي سگهي مسلمان جي عمل کي سٺي نيّت تي ئي محمول ڪيو وڃي. (فتاویٰ رضويه، جلد 23، صفحو 389، تسهيلاً)

## ڪنهن کي رياڪار نه چئو، نه سمجهو

اي عاشقانِ رسول! اسان مسلمان لاءِ حُسنِ ظن ئي رکنداسين ته جيڪڏهن هُن ڪنهن مسجد، ڪتاب يا ڪنهن به عبادت سان لاڳاپيل شيءِ تي پنهنجو نالو لکرايو آهي ته هڪدم کيس رياڪار نه چوڻ گهرجي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بدگماني غيبت کان گهٽ گناه نه آهي فرض ڪيو ته هو رياڪار آهي به ته ريا جو تعلق

دل سان آهي ۽ هي دل جي بيمارين مان آهي، اسان وٽ ڪهڙو اوزار آهي جنهن سان اسان کي خبر پئجي وئي ته اُن ڏيکاءُ جي لاءِ نالو لکرايو آهي؟ جيتوٽيڪ هو رياڪار هجي اهو عِنۡدَ اللّٰه (يعني خدا وٽ) رياڪار آهي. جيڪڏهن اسان ان جي باري ۾ ايئن سوچيو ته بدگماني ڪندي اسان پاڻ گنهگار ٿياسين ۽ اِهو به چئي ڇڏيو ته هي ريا ڪري رهيو آهي ته پوءِ ته اِها تُهمت ٿي وئي جيڪا بدگماني کان به وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿي، هي حرام ۽ جهنم ڏانهن وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، ماڻهو ٿوري گهڻي ڳالهه تي چئي ڇڏيندا آهن ته"هي ڪوڙو آهي، ڏيکاءُ ڪري ٿو، هي هن لاءِ ڪري ٿو، اُن لاءِ ڪري ٿو. بعض صورتن ۾ اسان هرويرو اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهيون، جيڪي تُهمت جي زُمري ۾ اچن ٿيون، تُهمت جي بُرائي جي باري ۾ هڪ حديثِ پاڪ تمام گهڻي ڊيڄاريندڙ آهي ته تُهمت لڳائيندڙ کي رَدۡغَةُ الۡخَبَالِ ۾ رکيو ويندو، جيستائين هو پنهنجي تُهمت مان ڇوٽڪارو حاصل نه ڪري. (ابو داود، 427/3، حديث: 3597)

رَدۡغَةُالۡخَبَال اها جڳهه آهي جتي جهنمين جو رَتُ ۽ پُونءِ جمع ٿيندي.
(معالم السنن، 175/3)

بيشڪ تُهمت تمام گهڻي خطرناڪ آهي، اسان جي روزمره جي معمولات مان تهمت جا ڪجهه مِثال هي آهن: ڪنهن جي باري ۾ اِهو چوڻ ته: هي مطلبي آهي، مفاد پرست آهي، مفاد هوندو اٿس ته ڪم ڪندو آهي نه ته ناهي ڪندو. ان ۾ ڪجهه صورتن ۾ اسان جي گفتگو سو سيڪڙو تهمت ئي هوندي آهي.

# خوبصورت ڳالهه

هونئن تہ حضور سرورِ دو عالم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي هر ڳالهه مون کي (يعني الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ کي) پسند آهي پر گفتگو جي باري ۾ حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ ڳالهه مون کي ڏاڍي پسند آئي اُها ڳالهه هيءَ آهي تہ”حضورصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ڪنهن سان اهڙيءَ ڳالهه نہ ڪندا هئا جيڪا ان کي پسند نہ هجي“.

(شمائل محمديه، ص 197، حديث: 329)

خدا جو قسم! هي اهڙو پيارو مدني گُل آهي جو جيڪڏهن هي سنتِ ڪريمہ اسان جي عادت ۾ شامل ٿي وڃي تہ سڀ فساد ئي ختم ٿي وڃن. اللّٰہ ڪري تہ ڳالهائڻ کان پهرين اسان جي اها سوچڻ جي عادت بڻجي وڃي تہ مان جيڪا ڳالهه ڪرڻ چاهيان پيو ڇا منهنجا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙي ڳالهه ڪن ها؟ مان جيڪا ڳالهه ڪرڻ لڳو آهيان ڇا اها ڳالهه سامهون واري کي بڌي ڪري پسند ايندي؟ جڏهن تہ شرعاً اُها ڳالهه ڪرڻ ضروري بہ نہ هجي. اهڙيءَ طرح سوچڻ سان منهنجو خيال آهي تہ اسان ڪيترين خرابين کان بچي وينداسين ۽ اسان جو ماحول مدينہ مدينہ ٿي ويندو. اللّٰہ ڪري تہ مون کي بہ هن سنت تي عمل ڪرڻ جي سعادت ملي وڃي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دين جو ٽيون حصو

حضرت امام شافعي ۽ ٻيا آئمہ ڪرام رحمۃُ اللّٰہِ عليهم هن حديثِ پاڪ ”اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّاتِ“ جي باري ۾ فرمائن ٿا: هي حديث ”ثُلثِ اسلام“

يعني دين جو ٽيون حصو آهي. (شرح مسلم للنوی، 53/13)

امامُ الفُقَهَاءِ وَالْمُحدِّثِين حضرت علاّمہ بدرُالدّین محمود بن احمد عَيني حَنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ ۾ نيّت جو بيان آهي ۽ اسلام جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ٽي طريقن سان ٿيندو آهي: (1) قول سان (2) عمل سان ۽ (3) نيّت سان، تنهنڪري ”نيّت دين جو ٽيون حصو آهي“. (عمدة القاری، 49/1، تحت الحديث: 1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عبادت جا ٻہ حصا

امام ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عبادت جا ٻہ حصا آهن: (1) نيّت ۽ (2) عمل، ليڪن نيّت جي اهميت وڌيڪ آهي ڇو تہ عضون (Parts of Body) سان عمل ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ ان عمل جو اثر دل تي پوي ۽ دل ڀلائي ڏانهن مائل ٿي برائي کان پري ٿئي جيئن سجدو ڪرڻ جو مقصد صرف پيشاني کي زمين تي رکڻ نہ هوندو آهي پر دل ۾ خُضُوع (يعني عاجزي) پيدا ڪرڻ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح زڪوات ڏيڻ جو مقصد رڳو اهو ناهي تہ مال پنهنجي ملڪيت مان نڪري وڃي بلڪ دل مان بُخل(ڪنجوسي) جي گندگي ختم ڪرڻ مقصد آهي ۽ اهو مقصد مال سان دل جو تعلق ٽوڙڻ سان حاصل ٿيندو. تنهنڪري توهان بہ ڪوشش ڪيو تہ پنهنجن سيني عملن ۾ سنين نيّتن جي ڪثرت ڪيو. ايتري تائين جو هڪ عمل لاءِ ڪيئي ڪيئي سنيون نيّتون ڪيو، جيڪڏهن توهان جو جذبو سچو هوندو تہ توهان سنيون

سنيون نيّتون ڪرڻ جا طريقا سکڻ ۾ ڪامياب ٿي وينديؤ. اِن شاءَ الله الڪريم. (المدخل، 7/1، ملخّصاً)

## سٺي نيت جو فائدو ۽ بُري نيت جو نقصان

اي عاشقانِ رسول! هر ڪم ۾ ثواب سٺي نيت جي ڪري ئي ملندو آهي ۽ بُري نيت سان پلي ڪان پلو ڪم بہ بيڪار ٿي ويندو آهي تنهن ڪري امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب جي شروعات هن حديث پاڪ سان ڪئي تہ مُقْرِي (يعني پڙهندڙ ۽ پڙهائيندڙ) شيخ ۽ تِلْميذ (يعني استاد ۽ شاگرد) پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سٺي نيت سان ڪن، ڪنهن بہ خراب ارادي سان نہ ڪن، نہ تہ سڀ محنت بيڪار آهي. (نزهة القاري، 230/1، تسهيلاً)

امام شمسُ الدّين بِرماوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهو ئي سبب آهي جڏهن امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي نيت کي خالص ۽ مقصد کي پاڪ ڪيو تہ الله ڪريم سندن ڪتاب کي مخلوق لاءِ فائدي وارو بڻائي ڇڏيو. (اللامع الصبيح بشرح الجامع الصحيح، 17/1، تحت الحديث: 1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب لکڻ جي نيت

حضرت امام ابوداؤد طَيالِسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا تہ عالِم لاءِ ضروري آهي تہ جڏهن ڪو ڪتاب لکي تہ ان جي نيت ۾ دين جي مدد جو ارادو هجي، اهو ارادو نہ هجي تہ شاندار تصنيف (يعني

بهترين ڪتاب) جي ڪري ماڻهو مون کي سنو سمجهن جيڪڏهن اهو ارادو ڪندو ته اخلاص ختم ٿي ويندو. (تنبيه المغترين، ص26)

قرآنِ ڪريم جي سپاري 26، سورت محمد جي آيت نمبر 7 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَ يُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ۝

ڪنزُالعرفان: اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ ته الله توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان کي ثابت قدمي عطا فرمائيندو.

## دينِ خدا جي مدد جا طريقا

”تفسيرِ صراطُ الجنان“ ۾ لکيل آهي ته الله پاڪ جي دين جي مدد جا ڪيترائي طريقا آهن، انهن مان 7 طريقا هيٺ ڏجن ٿا:

## دينِ خدا جي مدد جا 7 طريقا

﴿1﴾ الله پاڪ جي دين کي غالب ڪرڻ لاءِ دين جي دشمنن سان زبان، قلم ۽ تلوار سان جهاد ڪرڻ. ﴿2﴾ دين جا دليل واضح ڪرڻ، ان تي ٿيندڙ شڪ ۽ شُبها ختم ڪرڻ، دين جي احڪامن، فرضن، سنتن ۽ حلال ۽ حرام جي شرح بيان ڪرڻ. ﴿3﴾ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بڙائي کان روڪڻ. ﴿4﴾ دينِ اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت لاءِ ڪوشش ڪرڻ. ﴿5﴾ اهي قابل ۽ معتبر علماء جن پنهنجيون زندگيون دين جي ترويج ۽ اشاعت لاءِ وقف ڪيون آهن نيڪ مقصدن ۾ انهن جو ساٿ

ڏيڻ. ﴿6﴾ نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ ﴿7﴾ علماء ۽ مبلغين جي مالي ساهتا ڪري ڪين دين جي خدمت لاءِ فارغُ البال(يعني مالي فڪرن کان آزاد) ڪرڻ.

انهن ستن طريقن کان علاوه بہ ڪيترائي طريقا آهن جيڪي الله پاڪ جي دين جي مدد ۾ شامل آهن. (تفسير صراط الجنان، 298/9 ملخصاً)

## مسلمان سڄي نيت سبب هميش جنت ۾ رهندو

”مِرقَاۃُ المفاتيح شرح مِشْکٰوۃُ المصابيح“ ۾ آهي: مسلمان پنهنجي عمل جي ڪري نہ بلڪِ سڄي نيت جي ڪري هميشہ جنت ۾ رهندو ڇو تہ جيڪڏهن صرف عمل جي ڪري جنت ۾ رهي ها تہ اوترو ئي عرصو رهي ها جيترو هن عمل ڪيو يا ان کان چند ڀيرا وڌيڪ، ليڪن جيئن تہ مسلمان جي اها نيت هوندي آهي تہ جيڪڏهن هو هميشہ زنده رهيو تہ هميشہ اسلام تي ئي قائم رهندو لهٰذا ان سڄي نيت جي ڪري الله پاڪ کيس هميشہ لاءِ جنت عطا فرمائيندو.

ساڳيءَ ريت ڪافر پنهنجي بُري نيت جي ڪري هميشہ دوزخ ۾ رهندو ڇو تہ سندس اها ئي نيت هوندي آهي تہ جيڪڏهن هو هميشہ زنده رهيو تہ هميشہ ڪافر ئي رهندو تنهن ڪري ان نيت جي ڪري الله پاڪ کيس هميشہ هميشہ لاءِ دوزخ ۾ رکندو.
(مرقاۃ المفاتيح، 98/1 ملخصاً)

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو اسان جيترو بہ احسان مڃون ۽ شڪر ادا ڪيون اهو گهٽ آهي جو هن اسان کي پنهنجي پياري

پياري آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت ۾ مسلمان پيدا ڪيو.

## ”نيڪ نيّت“ جي 6 اکرن جي نسبت سان نيت جي باري ۾ 6 واقعا

### ﴿1﴾ هلڻ جي ڪا نيت سمجھ ۾ نہ ٿي اچي

حضرت يحيٰ بن يحيٰ نيشاپوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دوا پيتي تہ سندن زوج محترمہ عرض ڪيو: جيڪڏهن توهان گھر ۾ ٿوري چھل قدمي ڪري وٺو تہ جيئن دوا جو اثر چڱيءَ طرح سان ٿئي تہ بھتر ٿيندو، پاڻ فرمايائون: مون کي هن هلڻ جي ڪا نيت سمجھ ۾ نہ ٿي اچي ۽ آئون تہ ٽيھ سالن کان پنھنجو محاسبو ڪري رهيو آهيان تہ ڪھڙو عمل ڪھڙي ڪم لاءِ ڪيو. هاڻي هن جو مون وٽ ڪو جواب ئي نہ آهي تہ مون چھل قدمي چو ڪئي. (منهاج القاصدين، صفحو 112)

### ﴿2﴾ ڪنگي ڪرڻ جي نيت هئي آئيني ڏسڻ جي نہ هئي

هڪ بزرگ پنھنجن وارن ۾ ڪنگي ڪرڻ پئي چاهيو، انھن پنھنجي گھرواريءَ کي ڪنگي آڻڻ لاءِ فرمايو، تہ سندس زوج محترمہ عرض ڪيو: آئينو بہ کڻي اچان؟ ٿوري دير لاءِ خاموش رهڻ کان پوءِ فرمايائون: ها! (اهو بہ کڻي اچو). جڏهن خاموش رهڻ جو سبب پڇيو ويو ته فرمايائون: ڪنگي ڪرڻ جي تہ منھنجي نيت هئي ليڪن آئينو ڏسڻ جي نيت نہ هئي تنھن ڪري مون ٿورو

تَوَقُّفْ ڪيو (يعني رُڪجي ويس) تان جو ان جي نيت ﻧہ الله پاڪ دل ۾ پيدا فرمائي ڇڏي. (احياءَ العلوم، 101/5)

## ﴿3﴾ ڪائڻ ۽ ﻧہ ڪائڻ ٻئي نماز جي لاءِ

حضرتِ اسحاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: حضرتِ عبدُالرحمٰن بن اَسْوَد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بنا نيت جي ماني ﻧہ ڪائيندا هئا، ڪنهن پڇيو ﺗہ ماني ڪائڻ ۾ سندن ڪيتري نيت هوندي هئي؟ فرمايو: اهي ماني ان وقت ڪائيندا هئا جڏهن نماز پڙهڻ سندن لاءِ ڏکيو ٿي ويندو هو ۽ جسم ۾ طاقت ﻧہ رهندي هئي ۽ ڪائڻ ۾ گهٽتائي ڪندا هئا ﺗہ جيئن نماز لاءِ نِشاطُ (چستي) حاصل ٿي سگهي وري جڏهن ماني گهٽ ڪائڻ جي ڪري ڪمزور ٿي ويندا هئا ﺗہ پوءِ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيهر ڪائڻ شروع ڪندا هئا. سندن ڪائڻ ۽ ﻧہ ڪائڻ ٻئي نماز لاءِ هوندا هئا.

(بستان العارفين للنووي، ص74)

الله وارن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! هڪ اسان آهيون جو رڳو لذت لاءِ ڪائيندا پيئندا آهيون. "بهارِ شريعت" ۾ لکيل آهي ﺗہ "تَلَذُّذْ ۽ تَنَعُّم يعني لَذّت حاصل ڪرڻ ۽ مزو وٺڻ لاءِ ڪاڏو ڪائڻ بُري صفت آهي." (بهارِ شريعت، 375/3، حصو: 16)

افسوس! اسان جو ڇا ٿيندو؟ هيءَ حلال ۽ حرام جي ڳالهه ناهي بلڪِ تقويٰ جون ڳالهيون آهن جيڪڏهن ڪنهن لَذّت لاءِ ڪاڏو ڪاڌو ﺗہ ان کي اسان گنهگار ﻧہ چونداسين ليڪن ڪاڌي ڪائڻ ۾ جيڪڏهن ڪا

سٺي نيت نہ آهي تہ قيامت جي ڏينهن انهيءَ ڪاڌي جو حساب ڏيڻو پوندو.

## ﴿4﴾ درس لاءِ وڃڻ کان پهريان نيتون

حضرت علامہ شريف سَمْهُودي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جي شيخ فَقِيہُ الْعَصر شَرَف مُناوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن درس لاءِ وڃڻ لڳندا هئا تہ پهريان پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ بيهي رياڪاري کان بچڻ ۽ اخلاص حاصل ڪرڻ لاءِ نيت کي ذهن ۾ ورجائيندا هئا.

(فيض القدير، 286/2، تحت الحديث: 1725)

يعني پهريان بيهي پنهنجو اهو ذهن بڻائيندا هئا تہ آئون جنهن ڪم لاءِ وڃي رهيو آهيان اهو صرف الله پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪندس، ڏيکاءُ ۽ رياڪاري لاءِ نہ ڪندس.

## رياڪاري جي تعريف

”ريا“ جي لغوي معنيٰ ” ڏيکاءُ“ آهي. ”الله پاڪ جي رضا کان علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ کي رياڪاري چئبو آهي.“ يعني عبادت جو مقصد اهو هجي تہ ماڻهو ان جي عبادت تي آگاهہ ٿين تہ جيئن هو انهن ماڻهن کان مال حاصل ڪري يا ماڻهو سندس تعريف ڪن يا کيس نيڪ سمجهن يا کيس عزت وغيره ڏين.

(نيڪي جي دعوت، ص 66)

## ﴿5﴾ جهڙيءَ نيت تهڙو ڦل

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت سٺو ۽ بري نيت برو ڦل ڏيندي آهي بلڪ ڪيڏي مهل ته بري نيت جو برو نتيجو هٿوهٿ (يعني يڪدم) ظاهر به ٿي ويندو آهي. جيئن حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہما فرمائن ٿا: هڪ بادشاهه پنهنجي سلطنت جو دورو ڪرڻ لاءِ نڪتو، ان دوران هڪ ماڻهو وٽ ترسيو،(مَيزبان بادشاهه کي سڃاڻيندو نه هو) شام جو ميزبان پنهنجي ڳئون مان کيرُ ڏُڌو ته بادشاهه حيران ٿي ويو ڇوته ان ڳئون مان 30 ڳئُون جيترو کير نڪتو! بادشاهه دل ئي دل ۾ اها عجيب ڳئون زبردستي ڦُرڻ جي بري نيت ڪئي. ٻئي ڏينهن شام جو ان ڳئون مان اڌ کير نڪتو. بادشاهه اهو ڏسي ڏاڍي حيرت جو اظهار ڪيو ته ميزبان صاحب ڪيس چيو: بادشاهه پنهنجي رعيت سان ظلم ڪرڻ جي نيت ڪئي آهي جنهن جي نحوست سبب اڄ کير اڌ ٿي ويو آهي (ڇاڪاڻ ته ڪيس اها خبر نه هئي ته هي بادشاهه آهي) جڏهن بادشاهه ظالم ٿي وڃي ته برڪت ختم ٿي ويندي آهي. ميزبان جي هن حيرت انگيز انڪشاف کي جڏهن بادشاهه ٻڌو ته اها انوکي ڳئون زبردستي ڦُرڻ واري نيت ختم ڪري ڇڏيائين. جيئن ته اڳين ڏينهن ڳئون ٻيهر اوترو ئي کير ڏنو جيترو هن پهرين ڏينهن ڏنو هو. هيءَ واقعو بادشاهه لاءِ وڏي عبرت جو سبب بڻيو ۽ هن پنهنجي رعيت تي ظلم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. (شعب الايمان، 53/6، حديث: 7475)

## ﴿6﴾ نيت تي عمل جوانوکوانداز

حضرت نافع رضی اللہ عنہ (جيڪي حضرت عبدالله بن عمر رضی اللہ عنہما جا غلام

هئا) فرمائن ٿا تہ حضرت عبداللّٰہ اِبنِ عُمر رضی اللہ عنہما روزو رکندا هئا ۽ حضرت بيبي صفيہ بنتِ عُبيد رضی اللہ عنہا انهن جي افطاري لاءِ کا نہ کا شيءِ تيار کنديون هيون. هک ڏينهن انهن وٽ اعلىٰ قسم جو اَنارُ (ڏاڙهون) آندو ويو تہ دروازي تي هک سوالي سوال کيو، تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: هي ان کي ڏئي ڇڏيو. پر حضرت بيبي صفيہ رضی اللہ عنہا عرض کيو: ان لاءِ هن کان وڌيک بهتر شيءِ آهي، پوءِ حضرت بيبي صفيہ رضی اللہ عنہا مون (يعني حضرت نافع رضی اللہ عنہ) کي چيو تہ ان سائل کي فلاڻي شيءِ ڏئي ڇڏيو. جڏهن اهو اَنارُ حضرت عبداللّٰہ اِبن عمر رضی اللہ عنہما جي سامهون پيش کيو ويو تہ هنن فرمايو: هن کي کڻو ۽ کنهن ٻئي سوالي کي ڏئي ڇڏيو، ڇو تہ مان هن کي صدقو کرڻ جي نيت کري چڪو هئس.

(حسن اخلاق، ص80)

سُبْحٰنَ اللہ! هنن راهِ خدا ۾ ڏيڻ جي نيت بہ واپس نہ کئي جڏهن تہ (صرف نيت کرڻ سان) سندن ان شيءِ جي ملکيت ۾ کو فرق نہ پيو هو پوءِ بہ پنهنجي نيت کي پورو کرڻ جو سندن ذهن هو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جيتريون نيتون وڌيک اوترو ثواب وڌيک

”صحيح بخاري شريف“ جي پهرئين حديث پاک ۾ هي بہ آهي: ”اِنَّمَا لِكُلِّ امْرِئٍ مَّا نَوٰی“ يعني هر شخص لاءِ اهو ئي آهي، جيڪا ان نيت کئي. عالم سڳورن جي هک گروهہ جو اهو چوڻ آهي تہ هن جملي

جو مقصد اهو آهي ته پانهو نيڪ عمل ۾ جهڙي ۽ جيتريون نيتون ڪندو ڪيس اوترو ئي بدلو ملندو، يعني پهرئين جملي ۾ هن ڳالهه جو بيان هو ته هر جائز عمل کي عبادت بڻائڻ لاءِ نيت شرط آهي ۽ هِن جملي ۾ هن ڳالهه جو بيان آهي ته مومن شخص نيڪ عمل ۾ جيڪا ۽ جيتري نيت ڪندو ان کي اهڙو ۽ اوترو ئي ثواب ملندو.

(ارشاد الساري، 93/1)

## عالمِ نِيّت اعلیٰ حضرت جو ارشادِ بابرڪت

اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪم ڪجهه وڏندو ناهي، رڳو نيت ڪرڻ سان ئي هڪ نيڪ عمل جا ڏهه ٿي ويندا آهن ته پوءِ صرف هڪ ئي نيت ڪرڻ ڪيتري حماقت ۽ بي سبب پنهنجو نقصان ڪرڻ آهي.

(فتاوىٰ رضويه، 157/23)

اي عاشقانِ رسول! نِيّت جي موضوع تي مڪتبةُ المدينه جا ٻه ڪتاب ﴿1﴾ ”ثواب وڌائڻ جا نسخا“ ۽ ﴿2﴾ ”بهارِ نيت“ خريد ڪريو اهي ڪتاب دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان مفت ۾ ڊائون لوڊ به ڪري سگهجن ٿا. هاڻي ”ختمِ بخاري شريف“ جي تقريب ۾ بيان ڪيل بخاري شريف جي آخري حديث پاڪ پڙهو:

## بخاري شريف جي آخري حديثِ پاڪ

عَنْ اَبِيْ زُرْعَةَ، عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قَالَ: قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ”كَلِمَتَانِ حَبِيْبَتَانِ

اِلَى الرَّحْمٰنِ، خَفِيْفَتَانِ عَلَى اللِّسَانِ، ثَقِيْلَتَانِ فِي الْمِيْزَانِ: سُبْحَانَ اللهِ وَ بِحَمْدِهٖ، سُبْحَانَ اللهِ الْعَظِيْمِ ترجمو: حضرتِ ابُو زُرْعہ حضرتِ ابُوهُرَيره رضی اللہُ عنه کان روايت کن ٿا تہ نبي کريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: رحمٰن کي ٻہ کلما ڏاڍا پسند آهن اهي ٻئي کلما زبان تي هلڪا آهن ۽ ميزانِ عمل تي وزني آهن (۽ اُهي ٻہ کلما هي آهن:) سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ، سُبْحَانَ اللهِ الْعَظِيْمِ.

(بخاری،600/4،حديث:7563)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: رب تعاليٰ کي هي کلما ڏاڍا پيارا آهن جيڪو هنن جو ورد ڪندو اُهو ٻہ پيارو ٿيندو ۽ اُن جي زبان ٻہ پياري ٿيندي.

(مرآة المناجيح،338/3)

## سٺا اخلاق حاصل ٿيڻ جو ذريعو

حضرت امام رَبّاني مُجدّد اَلف ثاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: انهن کلمن ”سُبْحَانَ اللهِ وَ بِحَمْدِهٖ، سُبْحَانَ اللهِ الْعَظِيْمِ“ جي زبان تي هلڪي هجڻ جو سبب اهو آهي تہ انهن جا حرف گهٽ آهن ۽ انهن کلمن جو ميزان تي وزني هجڻ ۽ الله پاڪ جي پياري هجڻ جو سبب اهو آهي تہ پهرين کلمي جو پهريون حصو ” سُبْحَانَ اللهِ“ هن ڳالھ کي ظاهر ڪري ٿو تہ الله پاڪ انهن سيني ڳالهين کان بَري آهي جيڪي هن جي پاڪ بارگاھ جي لائق ناهن. تسبيح يعني سُبْحَانَ اللهِ پڙهڻ گناهن کي مِٽائڻ ۽ بُراين جي معاف ٿيڻ جو وسيلو آهي. اميد آهي تہ

الله پاڪ ”سُبْحَانَ الله“ چوڻ واري کي يا اُهو ورد جنهن ۾ الله جي پاڪائي بيان ٿيل هجي ان جي پڙهڻ واري کي اُنهن سيني شين کان پاڪ ڪندو جيڪي هن پڙهڻ واري جي لائق نہ آهن ۽ الله پاڪ پنهنجي تعريف ڪرڻ واري انسان ۾ ڪمال واريون خوبيون ظاهر ڪندو. انهن ڪلمن کي بار بار پڙهڻ سان گناهہ ختم ۽ انهن جي ذريعي سنا اخلاق پيدا ٿيندا آهن. (مکتوبات امام ربانی (اردو)، 1/ 754 ملخصاً)

حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مسلسل الله پاڪ جي پاڪائي بيان ڪرڻ سان وَبائُن کان حفاظت ٿيندي آهي.

## سٺي نِيّت جو فائدو

حضرت امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”صحيح بخاري شريف“ کي”اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ“ يعني عملن جو دارومدار نِيَّتُن تي آهي“ واري حديثِ پاڪ سان شروع فرمايو ۽ هن حديث (يعني بخاري شريف جي آخري حديث) تي پنهنجي ڪتاب کي ختم ڪيو، انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ حديثِ نِيَّت جو تعلق دنيا سان آهي جيئن تہ دنيا عملن جو گهر آهي ۽ عملن جو ثواب نيتن تي موقوف آهي ۽ بخاري شريف جي آخري حديث جو تَعَلُّق آخرت سان آهي ڇو تہ اسان جي عملن جو وزن آخرت ۾ ٿيندو. هن ۾ هڪ سنو اشارو آهي تہ ميزانِ عمل تي انهي جي عملن جو وزن ڳرو هوندو جنهن جي نِيَّت سٺي هوندي. الله ڪري اسان ۾ بہ سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿي وڃي ۽ اسان نيتن جو علم حاصل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. الله ڪريم توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فيضانِ مدينہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92    0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net